# اولياءِ ڪرام جون

# برڪتون

**11 January 2018**

هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنّتن ڀريو بيان

**(For Islamic Brothers)**

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# اولياءِ ڪِرام جون برڪتون

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله — وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله
اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله — وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جڏهن به مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي اعتڪاف جي نيت ڪري ونو، ڇوته جيستائين مسجد ۾ رهندؤ اعتڪاف جو ثواب ملندو رهندو. ياد رکو! مسجد ۾ کائڻ، پيئڻ، سمهڻ يا سحري، افطاري ڪرڻ، ايستائين جو آبِ زم زم يا دَم ڪيل پاڻي پيئڻ جي به شرعاً اجازت ناهي، البت جيڪڏهن اعتڪاف جي نيت هوندي ته اهي سڀ شيون ضمناً جائز ٿي وينديون. اعتڪاف جي نيت به صرف کائڻ، پيئڻ يا سمهڻ جي لاءِ نه هئڻ گهرجي بلڪ ان جو مقصد الله تعاليٰ جي رِضا هجي. ”فتاوي شامي“ ۾ آهي: جيڪڏهن ڪو مسجد ۾ کائڻ پيئڻ يا سمهڻ چاهي ته اعتڪاف جي نيت ڪري، ڪجھ دير ذِڪرُالله ڪري پوءِ جو چاهي ڪري (يعني هاڻي چاهي ته کائي پي يا سمهي سگهي ٿو) .

## دُرُود شريف جي فضيلت

سَرڪارِ مدينه، راحتِ قلب و سِينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ رَحمت نِشان آهي: جيڪو مون تي دُرُود پاڪ پڙهندو آهي،ان جو دُرُود مون تائين پهچي ويندو آهي، مان ان جي لاءِ اِستِغفار ڪندو آهيان ۽ ان جي عِلاوه ان جي لاءِ ڏھ (10) نيڪيون لکيون وينديون آهن. ( معجم اوسط ،من اسمه احمد،۱/ ۴۴۶،رقم: ۱۶۴۲)

ذِکر و دُرُود ہر گھڑی وِردِ زَباں رہے — میری فُضُول گوئی کی عادَت نِکال دو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نِيّتون ڪري وٺون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: "نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ" يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي.

(المعجم الكبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

**ٻه مدني گُل:** (1) بغير سني نيّت جي ڪنهن به نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو.
(2) جيتريون سنيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب به وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نيّتون

❁ نگاهون جهڪائي پوري توجه سان بيان ٻڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وچائي ويهندس ❁ ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو ته صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اٽڪڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذكُرُاالله ، تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺامٺا اسلامي ڀائرو! اَولِياءِ ڪرام رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْهِمْ اَجْمَعِيْن اهي مُقَدَّس تَرين هستِيون آهن جِن تي جبل سَلامَتي موڪليندا آهن. اَولِياءِ ڪرام کان وَحشِي جانوَر مانُوس هوندا آهن.اَولِياءِ ڪرام کان جانوَر بَرَڪت حاصِل ڪندا آهن، اَولِياءِ ڪرام کان وڻ به قُرب ماڻيندا آهن. شَيطان اَولِياءِ ڪرام جي ويجهو ناهي ويندو. اَولِياءِ ڪرام دُنيا جي خَزانن ڏانهن نگاهون کڻي به ناهن نهاريندا. جِن جبلن (Mountains) تي اَولِياءِ ڪرام جا قَدَم پئجي ويندا آهن اهي جبل ٻين جبلن تي فَخر ڪندا آهن. اَولِياءِ ڪرام جڏهن دنيا کان تشريف کڻي ويندا آهن ته دُنيا وارا انهن جي جُدائي تي غمگين ٿيندا آهن. اَولِياءِ ڪرام جنّت جي

مَحلّات ۾ رهنداءِ جنّت جي باغن ۾ سير ڪندا، اَولِياءِ ڪرام جنّت جي مٿاهين واري جاءِ ۾ رهندا ۽ جنّت جي عُمدہ سُوارين تي سُوار ٿيندا، اَولِياءِ ڪرام جنّت ۾ الله پاڪ جي ڪلام کي ٻڌندا ۽ ان جي دِيدار سان مُشَرَّف ٿيندا. (حڪايتين اور نصيحتين،ص١٣٨ملتقطاًوملخصاً)

اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ اڄ اسان اَولِياءِ ڪرام رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْهِم اَجْمَعِيْن جي بَرَڪتن تي مُشتَمِل اِيمان اَفروز واقِعا ۽ حِڪايتون ٻڌڻ جي سَعادَت حاصِل ڪنداسين. اچو! سڀ کان پهريان مَشهور وَلِيہ حضرت سَيدَتُنا رابِعہ بَصرِيہ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْهَا جي بَرَڪتن تي مُشتَمِل هڪ حِڪايت ٻڌڻ کان پهريان اوهان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْهَا جو تعارُف ٻڌون ٿا.

## حضرت رابعہ بصريہ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْهَا جو تعارف

”ماهنامہ فَيضانِ مدينہ“ صَفحي نمبر 39 تي آهي تہ حضرت سَيدَتُنا رابِعہ بَصرِيہ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْهَا عابِدہ، زاهدہ، نيڪ ۽ پارسا ۽ خَوفِ خُدا واري عورت هئي، ڏينهن جو رَوزو رکنديون هيون ۽ تِلاوتِ قُرآنِ پاڪ ڪنديون هيون. سندن جي اڳيان ڪو جَهنّم جو تذڪرو ڪندو هو تہ خَوفِ خُدا جي ڪري بي هوش ٿي ويندِيون. (جنتي زيور،ص٥٤١) پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْهَا پيرين اگهاڙي، پيدل بَيتُ الله شَرِيف جو حَج ڪيو، ڪعبي شريف پهچندي ئي(خوف ۽ خَشِيت سَبَب) بي هوش ٿي ڪِري پيون. (الروض الفائق،المجلس الثامن في ذكر حجاج بيت الله ...الخ،ص٦٠) پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْهَا خُوب عِبادت ۽ رِياضَت ڪنديون هيون، ننڊ جو غَلَبو ٿيندو هو تہ گهر ۾ هلڻ شُروع ڪنديون هيون ۽ پنهنجو پاڻ کي چونديون هيون: رابِعہ! اها بہ ڪا ننڊ آهي، ان جو ڪهڙو مَزو؟ ان کي ڇڏ ۽ قَبر ۾ مَزي سان ڊگهي مُدَّت جي لاءِ ستل رهجان، اڄ تہ توکي گهٽي ننڊ ناهي آئي پر ايندڙ رات ۾ خُوب ننڊ ايندئي،همَّت ڪر ۽ پنهنجي ربّ (عَزَّوَجَلَّ) کي راضي ڪري وٺ. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْهَا پنجاهہ سال (Fifty years) ائين گذاري ڇڏيا جو نہ ڪڏهن بِستر تي سُتيون ۽ نہ ئي ڪڏهن وهاڻي تي مٿو رکيائون، ايستائين جو پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْهَا اِنتِقال ڪري ويون. (حكايات الصالحين،ص ٤٠ ملخصاً )(ماهنامه فيضان مدينه،اگست ٢٠١٧،ص٣٩) الله ڪريم اِن جي طُفَيل اسان کي بہ عِبادت جو ذوق نصيب فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِىِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## چور وَلي بڻجي ويو

منقول آهي تہ هڪ چور رات جي وقت حضرتِ سيدَتُنا رابعہ بصريہ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْهَا جي گهر ۾ داخل ٿيو، ان هر پاسي سڄي گهر جي تلاشي ورتي پر هڪ ڪونئري جي علاوه ڪا شيء نہ ڏٺي، جڏهن ان نڪرڻ جو ارادو ڪيو تہ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْهَا فرمايائون: "جيڪڏهن تون چالاڪ ۽ هوشيار چور آهين تہ بنا ڪنهن شيء کڻي وڃڻ جي نہ ويندين."ان چيائين:"مون کي تہ ڪا شيء نہ ملي." پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْهَا فرمايائين: "اي غريب شخص! ان ڪونئري مان وضو ڪري ڪمري ۾ داخل ٿي ۽ ٻہ رڪعت نماز ادا ڪر، هتان ڪان ڪجھ نہ ڪجھ کڻي ويندين." ان سندن رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْهَا جي چوڻ مطابق وضو ڪيو ۽ جڏهن نماز جي لاءِ بيٺو تہ حضرت سيدَتُنا رابعہ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْهَا ائين دُعا ڪئي: "اي منهنجا ربّ عَزَّوَجَلَّ! هي شخص مون وٽ آيو پر ان کي ڪجھ نہ مليو، هاڻي مون ان کي تنهنجي بارگاھ ۾ بيهاري ڇڏيو آهي، ان کي پنهنجي فضل ۽ ڪرم سان محروم نہ ڪجان." جڏهن هو نماز کان فارغ ٿيو تہ ان کي عبادت جي لذت نصيب ٿي. پوءِ، هو رات جي آخري حصي تائين نماز ۾ مشغول رهيو. جڏهن سحري جو وقت ٿيو تہ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْهَا ان وٽ ويون تہ ان کي سجدي جي حالت ۾ پنهنجي نفس کي ڏڙڪا ڏيندي ۽ هي چوندي ڏٺو: جڏهن منهنجو رب عَزَّوَجَلَّ مون کان پڇندو: "ڇا تو کي حيا نہ آيو تہ تون منهنجي نافرماني ڪندو رهين؟ ۽ منهنجي مخلوق کان گناھ لڪائيندو رهين ۽ هاڻي گناهن جي پَري کڻي منهنجي بارگاھ ۾ پيش آهين، جڏهن هو مون تي غضب فرمائيندو ۽ پنهنجي رحمت ڀري بارگاھ مان پري ڪندو تہ ان وقت مان ڪهڙو جواب ڏيندس؟ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْهَا پڇيائين:"اي ادا! رات ڪيئن گذري ؟" چيائين: "خيريت سان گذري، عاجزي ۽ انڪساري سان مان پنهنجي رَبّ عَزَّوَجَلَّ جي بارگاھ ۾ بيٺل رهيس تہ ان منهنجي خراب عادتن کي درست ڪري ڇڏيو،منهنجو عذر قبول ڪري ورتو ۽ منهنجي گناهن کي بخشي ڇڏيو ۽ مون کي منهنجي مطلوب ۽ مقصود تائين پهچائي ڇڏيو. پو اهو شخص چهري تي حَيراني ۽ پريشاني جا آثار کڻي هليو ويو.

حضرت سيدَتُنا رابِعہ بَصرِيہ رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْھَا پنهنجا هٿ آسمان ڏانهن بلند ڪيا ۽ عَرض گذار ٿيون: اي منهنجا رَبّ ! هي شخص تنهنجي بارگاھ ۾ هڪ گهڙي بيٺو تہ تو ان کي قبول ڪري ورتو ۽ مان ڪڏهن کان تنهنجي بارگاھ ۾ بيٺي آهيان، تہ ڇا تو مون کي بہ قبول فرمائي ورتو آهي؟ اوچتو پاڻ رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْھَا دِل جي ڪنن سان اهو آواز ٻڌو: اي رابِعہ! اسان ان کي تنهنجي ئي ڪري قبول ڪيو ۽ تنهنجي ئي ڪري پنهنجو قُرب عطا ڪيو آهي. (الروض الفائق،ص ۱۵۹ ملخصاً)

مَحبّت میں اپنی گُما یاالٰہی نہ پاؤں میں اپنا پَتا یاالٰہی
رہوں مَست و بے خُود میں تیری وِلا میں پِلا جام ایسا پِلا یاالٰہی
مرے دِل سے دُنیا کی چاہت مِٹا کر کر اُلفَت میں اپنی فَنا یاالٰہی

(وسائلِ بخشش مرمم،ص۱۰۵)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

سُبْحٰنَ اللّٰـہ عَزَّوَجَلَّ! ٻڌو اوهان تہ اَولِياءِ ڪرام رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْھِم اَجْمَعِیْن جي قُرب جون ڪهڙيون ڪهڙيون بَرَڪتون ظاهر ٿينديون آهن جو انهن جي دَر تي ايندڙ ڪڏهن بہ هٿين خالي موٽايو ناهي ويندو، بلڪ پنهنجي خالي دَامَن کي موتين جي مُرادن سان ڀري ۽ خُوب خُوب بَرَڪتون ماڻي موٽندو آهي، ايستائين جو جيڪڏهن ڪو چور بہ انهن جي بارگاھ ۾ اچي وڃي ۽ انهن جي ناياب صُحبَت جي نعمت ماڻڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃي تہ پوءِ اهو چور، چور نٿو رهي بلڪ ربّ ڪريم ان گناهگار ۽ بَدڪردار کي بہ هنن مَقبول ٻانهن جي نِگاھ وِلايت، دِل جي گهرائين مان نڪرندڙ پُرتاثير دُعائن ۽ پاڪيزه صُحبَت جي بَدولَت ان جي زَنگ آلُود باطِن کي چَمڪائي ان کي گُناهن تي نَدامَت، نَماز، تَقويٰ ۽ پرهيزگاري، سچّي تَوبہ ۽ نيڪين جي تَوفِيق، فِڪرِ آخِرت جهڙي شاندار نعمتن سان سَرفَراز ڪري بَخشش ۽ مَغفِرت جي سَند عطا فرمائيدو آهي، تنهنڪري اسان کي بہ کپي تہ اسان بہ اَدَب جو دامَن پڪڙي انهن کان دُنياوِي مطلبن ۽ مقصدن بدران

www.dawateislami.net

اِيمان جي سلامتي، رِضاءِ اِلٰهي کي حاصل ڪرڻ، حَرَمَين شَرِيفَين جي زيارت، نيڪين تي اِستِقامت، گُناهن کان نَفرت، نعمتن تي شُڪر جي تَوفِيق ۽ بي حساب مَغفِرت جون دُعائون ڪرايون جو اَولِياءِ ڪرام رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْهِم اَجْمَعِيْن جو وُجُود ۽ انهن جي صُحبَت مَخلوق جي لاءِ رَحمت جو سبب آهي، انهن جي دُعائن ۾ گهڻو اَثر هوندو آهي ۽ انهن جي صَدَقي ۾ الله ڪريم مُصِيبَتن کي پري ڪندو آهي ۽ چماچم مينهن وسائيندو آهي، جيئن

شَيخِ طَرِيقت، اَميرِاَهلسُنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه پنهنجي تَصنِيف "فَيضَانِ سُنّت" ۾ فرمائن ٿا:حضرت سَيدُنا ابُو دَردَاء رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي تہ بيشڪ انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام زمين جا اوتاد (اولياء الله جو هڪ خاص درجو) هئا،جڏهن نُبُوَّت جو سلسلو ختم ٿيو، تہ الله تعاليٰ اُمتِ احمد مان هڪ قوم کي انهن جو نائب بڻايو جن کي ابدال چوندا آهن، اهي (فقط) روزي، نماز، تسبيح ۽ تقديس ۾ ڪثرت جي ڪري ماڻهن کان افضل ناهن ٿيا بلڪ پنهنجي حسنِ اخلاق، پرهيزگاري ۽ تقويٰ جي سچائي، سٺي نيّتن، تمام مسلمانن کان پنهنجي سينن جي سلامتي، الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا جي لاءِ حلم (يعني بردباري)، صبر ۽ دانشمندي، بغير ڪمزوريءَ جي عاجزي ۽ تمام مسلمانن جي خير خواهي جي سبب افضل ٿيا آهن. پوءِ اهي انبياء ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام جا نائب آهن، اهي اهڙي قوم آهن جو الله تعاليٰ انهن کي پنهنجي ذات مبارڪ جي لاءِ منتخب ۽ پنهنجي علم ۽ رضا جي لاءِ خاص ڪري چڱيو آهي. اهي 40 صديق آهن، جن مان 30 رحمٰن عَزَّوَجَلَّ جي خليل حضرتِ سيّدُنا ابراهيم عَلٰی نَبِيِّنَا وَ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي يقين وانگر آهن. انهن جي ذريعي زمين وارن کان آفتون ۽ ماڻهن کان مصيبتون ٽرنديون آهن. انهن جي ذريعي ئي برسات ٿيندي آهي ۽ رزق ڏنو ويندو آهي، انهن مان ڪو انهيءَ وقت فوت ٿيندو آهي، جڏهن الله تعاليٰ ان جي جانشيني جي لاءِ ڪنهن کي حڪم ڏئي چُڪو هوندو آهي، اهي ڪنهن تي لعنت ناهن موڪليندا، پنهنجي ماتحتن کي تڪليف ناهن ڏيندا، انهن تي ظلم ۽ ستم ناهن ڪندا، انهن کي حقير ناهن سمجهندا، پاڻ تي فوقيت رکڻ وارن تي ساڙ ناهن ڪندا، دنيا جو

www.dawateislami.net

حرص ناهن ڪندا، ڏيکاءَ جي خاموشي اختيار ناهن ڪندا، تڪبُّر ناهن ڪندا ۽ ڏيکاءَ جي عاجزي بہ ناهن ڪندا. اهي ڳالهائڻ ۾ سيني ماڻهن کان سنا ۽ نفس جي اعتبار کان گهڻا پرهيزگار هوندا آهن، سخاوت انهن جي فطرت ۾ شامل آهي،اسلاف رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡہِم اَجۡمَعِیۡن جن (نامناسب) شين کي ڇڏيو، انهن کان محفوظ رهڻ انهن جي صِفت آهي،سندن اها صِفت جدا ناهي ٿيندي، جواچ خوف جي حالت ۾ هجن ۽ سياڻي غفلت ۾ پيل هجن،بلڪ اهي پنهنجي حال تي هميشگي اختيار ڪندا آهن، اهي پنهنجي ۽ پنهنجي ربّ عَزَّوَجَلَّ جي وچ ۾ هڪ خاص تعلق رکندا آهن، ڪين آنڌاري واري هوا ۽ بيباڪ گهوڙا نہ ٿا پهچي سگهن. انهن جون دليون اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي خوشي (يعني رضا) ۽ شوق ۾ آسمان ڏانهن بلند ٿينديون آهن، پوءِ (28 سيپاري سُوۡرَۃُالۡمُجَادَلَۃِ جي) آيت (نمبر22) تلاوت ڪيائون،

اُولٰٓئِكَ حِزْبُ اللّٰهِ ؕ اَلَاۤ اِنَّ حِزْبَ اللّٰهِ هُمُ الْمُفْلِحُوْنَ ﴿۲۲﴾

(ترجمو ڪنزالايمان :اها اللّٰه (عَزَّوَجَلَّ) جي جماعت آهي، ٻُڌو بيشڪ اللّٰه (عَزَّوَجَلَّ) جي جماعت وارا ئي ڪامياب آهن.)

(نوادرُ الاصول، الاصل الحادي والخمسون، ۲۰۹/۱، حديث: ۳۰۱)(فيضان سنت،ص۴۳۲تا۴۳۴بتغير)

عاشِقِ اَولِيا ۽ عاشِقِ غَوث ۽ رَضا، باني دعوتِ اسلامي، شَيخِ طَرِيقَت، اَمِيرِ اَهلسُنّت دَامَتۡ بَرَکَاتُہُمُ الۡعَالِیَہ ”وَسائلِ بخشش“ ۾ لکن ٿا:

مجھ کو اللّٰہ سے محبّت ہے
یہ اُسی کی عطا و رحمت ہے

جس کو سرکار سے محبّت ہے
اُس کی بخشش کی یہ ضمانت ہے

آل واَصحاب سے محبّت ہے
اور سب اَولیا سے اُلفت ہے

(وسائلِ بخشش مُرمّم،ص ۶۸۴)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اَولياءِ ڪرام رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡہِم اَجۡمَعِیۡن دُنياوِي مال ۽ مَنصَب ۽ شهرت جي طلب کان بي نياز هوندا آهن، اَولِياءِ ڪرام اللّٰه پاڪ جي نعمت آهن،

www.dawateislami.net

اَولِياءِ ڪرام الله ڪريم جي رَحمت آهن، جيڪي عيش ۽ راحت جي زندگي گذارڻ بدران هميشہ سادگي کي اپنائيندا آهن. اَولِياءِ ڪرام شَرِيعَت جي پابندي ڪندا آهن۽ باطِن کي صاف ڪندا. اَولِياءِ ڪرام الله پاڪ جي ٻانهن کي الله پاڪ سان ملائيندا ۽ اُنهن کي بہ الله ڪريم جو پيارو بڻائيندا آهن. اَولِياءِ ڪرام جي صُحبَت ۾ ويهڻ سان دُنيا ۽ آخِرت سَنوَرجي ويندي آهي ۽ ڪوڙ ڀلائيون نصيب ٿينديون آهن. اَولِياءِ سڀُورا، الله تعاليٰ جي علاوه ٻي ڪنهن کان نٿا ڊڄن، اَولِياءِ ڪرام مُتَّقِي ۽ پَرهيزگار هئڻ جي باوُجود جَهنَّم (Hell) جي خَوف مان ڏڪندا رهندا آهن. اَولِياءِ ڪرام ڏينهن رات عِبادتِ الٰهي ۾ مشغول رهندا آهن. اَولِياءِ ڪرام مخلوق جي مدد ڪندا آهن. اَولِياءِ ڪرام کي الله پاڪ جي عطا سان عِلمِ غيب حاصِل ٿيندو آهي. اَولِياءِ ڪرام دِلين جي اَحوال کان باخَبَر هوندا آهن ايستائين جو اَولِياءِ ڪرام دُنيا جي اندر ئي جنّتي مَحل جو حقدار بڻائي ڇڏيندا آهن. اچو! مَشهور مَجذُوب ۽ زَبَردَست وَلِي حضرت سَيدُنا بهلول دانا رَحمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جي هڪ اِيمان اَفروز ڪرامت جي باري ۾ ٻڌو ۽ پنهنجي دل ۾ مَحبَّتِ اَولِيا اُجاگر ڪريو. جيئن تہ

## جنتي محل جو پروانو(اجازت نامو)

خَليفي هارون رشيد جي گهرواري زُبَيده خاتون هڪ نيڪ ۽ بُزرگانِ دِين رَحمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡهِم اَجۡمَعِيۡن سان بيحد عَقيدت ۽ مَحبَّت رکندڙ عورت هئي، هڪ ڀيري هوءَ ٻانهين سان گڏ ڪيڏانهن وڃي رهي هئي، سفر دوران هڪ وادي ۾ انهن ڏٺو تہ سُلطانُ العاشقين حضرت سَيدُنا بهلول دانا رَحمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه پٽر جي ٺڪرن کي گڏ ڪري ڪجھ بڻائي رهيو آهي، هي پنهنجي سُواري تان لٿي ۽ حضرت سَيدُنا بهلول دانا رَحمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جي خدمتِ بابَرَڪت ۾ حاضِر ٿي ادب سان بيهي رهيون پر پاڻ رَحمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه انهن ڏانهن بلڪل بہ ڌيان نہ ڏنو. زُبَيده خاتون هِمَّت ڪري پڇيا ڪئي، سائين! هي ڇا بڻائي رهيا آهيو؟ فرمايائون: جنّت جو مَحل بڻايان پيو. زُبَيده خاتون ٻيهر سُوال ڪيائين، ڇا جنّت جو هي مَحل مون کي وڪڻندوءِ؟ اِرشاد فرمايائون: ضرور وڪڻندس! هن جواب تي زُبَيده خاتون جو رُوح خوش ٿيو، ان

www.dawateislami.net

اُميد پري لهجي ۾ ٻيهر سُوال ڪيو: ڪيتري قيمت ۾؟ جواب ڏنائون: هڪ دِرهم ۾، جواب ٻڌندي ئي زُبَيده خاتون هڪدم قِيمَت پيش ڪئي. قِيمَت ملڻ کان پوءِ حضرت سَيدُنا بهلول دانا رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه هڪ ڪاني کنئي ۽ هڪ گهروندي (مٽيءَ جي هڪ ننڍڙي گهر) جي چوڌاري لڪير ڪڍندي فرمايائون: ”مون جنّت جو اهو مَحل هڪ دِرهم جي بدلي زُبَيده خاتون کي وڪڻي ڇڏيو“، اهو ٻڌندي ئي زُبَيده خاتون ان يقِين جي خُوشِي ۾ سَرشار ٿي ويون ته جيئري ئي جنّت جو پَروانو مِلي ويو، پوءِ اها خوش خَبَري ماڻي زُبَيده خاتون شاهي مَحل ڏانهن رواني ٿي. رات جو پويون پهر هو، اجا پاڻ نماز تهجد ۽ مناجات مان فارغ ٿي ليٽي ئي هئي ته اوچتو هارون رشيد آيو ۽ زُبَيده خاتون کي چوڻ لڳو ته اڄ جڏهن مان نماز تَهجُّد پڙهي ليٽيس ته مون کي ننڊ وني وئي، ڇا ٿو ڏسان ته مان هڪ باغ جي سير ڪري رهيو آهيان، منهنجي پڇڻ تي ڪنهن ٻڌايو ته هي ”جَنَّتُ الْفِرْدَوْس“ آهي. مون اتي هڪ بُلند دروازي تي سبز رنگ ۾ زُبَيده خاتون لکيل ڏٺو، ان اُميد تي ان مَحل ۾ داخِل ٿيس ته شايد منهنجو نالو به لکيل هجي، مان ميلن تائين پري هليو ويس پر مون هر هنڌ اوهان جو ئي نالو لکيل ڏٺو. هارون رشيد زُبَيده خاتون کان ان جي باري ۾ پڇا ڪئي ته زُبَيده خاتون انهن کي گُذريل شام پيش ايندڙ واقِعو ٻڌايو. هارون رشيد چيائين: مون کي به حضرت سَيدُنا بهلول دانا رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه وٽ وني هل، پوءِ زُبَيده خاتون ان کي به حضرت سَيدُنا بهلول دانا رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي بارگاه ۾ وني وئي. حضرت سَيدُنا بهلول دانا رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه پهريان وانگر هاڻ به هڪ ويراني ۾ مٽي جا گهر ٺاهڻ ۾ مشغول هو. هارون رشيد حضرت سَيدُنا بهلول دانا رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي بارگاه ۾ حاضِر ٿيو، ادب سان سلام ڪيائين ۽ حضرت سَيدُنا بهلول دانا رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه کان جنّتي مَحل جي قِيمَت پُڇي، حضرت سَيدُنا بهلول دانا رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمايائون: هن جي قِيمَت(Price) تنهنجي سڄي سَلطَنَت آهي، هارون رشيد حَيرت وچان عَرض ڪيو: حُضور! جنّتي مَحل جي قِيمَت اوچتو ايتري وڌي ڪيئن وئي جڏهن ته منهنجي گهرواريءَ کي ته اوهان هڪ دِرهم ۾ ئي وڪڻيو هو؟ حضرت سَيدُنا

بهلول دانا رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه غَيبِي خَبَر ڏيندي فرمايائون: زُبَيده خاتون جنّت ڏسي نہ آئي هئي جڏهن تہ تون جنّت جو نَظارو ڪري پيو اچين. اهو ٻڌي هارون رشيد جون اکيون اَشڪبار ٿي ويون، عَرض ڪيائين: سائين! سَلطَنَت ڏئي قِيمَت چڪائڻ لاءِ تيار آهيان! بس جنّت جو پَروانو عطا ڪريو! حضرت سَيدُنا بهلول دانا رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه فرمايائون: مان تنهنجي سَلطَنَت جو ڇا ڪندس، سَلطَنَت جي لاءِ تہ منهنجي قدمن ۾ بہ جڳهہ نہ آهي،وچ پنهنجي سَلطَنَت بہ ڪٽي وڃ ۽ جنّت جو پَروانو بہ رکي ڇڏ. (زلف و زنجير، ص۲۵۱ تا۲۶۰ملخصاً)

تختِ سکندری پر وہ تھوکتے نہیں ہیں　　بستر لگا ہُوا ہے جن کا تری گلی میں

سُبۡحٰنَ اللّٰـه عَزَّوَجَلَّ! ڏِٺو اوهان تہ حضرت سَيدُنا بهلول دانا رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جو مرتبو بارگاهِ خُداوَندِي ۾ ڪيتري قَدَر بُلند ۽ بالا هو! پاڻرَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه چاهن ها تہ پنهنجي لاءِ ڪوڙ خَزانا گڏ ڪن ها، عَيش ۽ راحت پري زندگي گذارين ها پر قُربان وڃو تہ بااِختِيار هئڻ جي باوُجود پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه پنهنجي لاءِ ڪجهہ بہ باقي نہ رکيو البت جنهن کي وڻيس ان کي ربِّ ڪريم جي جنّت ۾ مَوجُود عاليشان جنّتي مَحلّات مان جنّتي مَحل عطا ڪري ڇڏيندا هئا. بيان ڪيل حِڪايت مان اهو بہ معلوم ٿيو تہ الله ڪريم جي ولين کي الله پاڪ جي عطا سان عِلمِ غَيب حاصِل هوندو آهي،جيئن هارون رشيد جڏهن حضرت سَيدُنا بهلول دانا رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه کان جنّتي مَحل جي قِيمَت وڏائڻ جو سبب پڇيو تہ حضرت سَيدُنا بهلول دانا رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه ان کي غَيب جي خَبَر ڏيندي اِرشاد فرمايائون تہ ”زُبَيده خاتون جنّت ڏسي نہ آئي هئي جڏهن تہ تون جنّت جو نظارو ڪري پيو اچين.“ هن حڪايت ۾ هڪ مَدَني گل هي بہ آهي تہ وَلِي هئڻ جي لاءِ شهرت ۽ اِشتِهار، نُمايان جُبّو، دَستار ۽ عقيدت مَندن جي ڊگهي قِطار هئڻ ضَروري نہ آهي جنهن سان ان جي وِلايت جي سڃاڻپ ۽ شهرت ٿئي، بلڪ عام ٻانهن ۾ بہ وَلِي الله هوندا آهن، تنهنڪري اسان کي هر نيڪ ٻانهي جو ادب ۽ اِحتِرام ڪرڻ گهرجي، چوتہ خبر ناهي ڪير گُدڙِي جو لَعل (يعني لڪيل وَلي) هجي، جيئن تہ

www.dawateislami.net

سَروَرِ عالَم، نُورِ مُجَسَّم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن اِرشاد فرمايو: جنّت وارا مٿي آٽي چھري، وکريل وار ۽ ڦاٽل پُراڻن ڪپڙن وارا آهن، جِن جي ڪا پَروا ناهي ڪئي ويندي. هي اهي ماڻهو آهن جو جيڪڏهن بادشاهن وٽ وڃڻ چاهين ته انهن کي اِجازت نہ ملي، عَورَتن کي نِڪاح جو پَيغام ڏين ته اِنڪار ڪيو وڃي، جڏهن ڳالهه ڪن ته انهن جي ڳالهه ٻڌي نہ وڃي،انهن جون ضَرُورتون سندن سِينن ۾ هلچَل مَچائي رهيون هونديون آهن،هي اهڙا جنّتي آهن جو بروزِ قِيامت انهن مان هڪ جو نُور بہ تمام ماڻهن تي ورهايو وڃي تہ سڀني کي پورو ٿي ويندو. (شعب الايمان، باب في الزهد وقصر الامل ،٧/ ٣٣٢، حديث: ١٠٤٨٦) هڪ ٻي جاءِ تي اِرشاد فرمايائون:کوڙ پراگنده (وکريل) وار، دروازن تان ڌڪاريل، جيڪڏهن اللّٰه پاڪ جو قَسم کڻن تہ هو ان کي پُورو ڪري ڇڏيندو آهي. (مسلم،ڪتاب البرو الصلة،باب فضل الضعفاء،ص١٠٨٣،حديث: ٢٦٢٢) مَشْهور مُفَسّرِ قُرآن،حڪيمُ الاُمَّت مُفتي اَحمد يار خان رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه (حديثِ پاڪ جي هن حصّي ”کوڙ پراگنده (وکريل) وار، دروازن تان ڌڪاريل“ جي شَرح ڪندي) فرمائن ٿا: هن فرمان عالي جو مَطلَب هي ناهي تہ هو دُنيا دارن جي دروازن تي ويندا آهن (۽) اتان ڪڍيا ويندا آهن، اهي تہ ربّ جي دروازي جي عِلاوه ٻي ڪنهن جي دروازي تي ناهن ويندا،بلڪ مَطلَب هي آهي تہ انهن جي حقيقت کان دُنيا غافِل آهي،جيڪڏهن هو ڪنهن وٽ ويندا آهن تہ هو انهن سان ملڻ پسند ناهي ڪندو، ربّ انهن کي دُنيا وارن کان ائين لڪايو آهي جيئن لَعل (ڳاڙهي رنگ جو هيرو) جبل ۾ يا موتي سَمند ۾ تہ جيئن ماڻهو انهن جو وَقت ضائع نہ ڪن. (حديثِ پاڪ جي هن حصّي ”جيڪڏهن اللّٰه پاڪ جو قَسم کڻن تہ ان کي اللّٰه پُورو ڪندو آهي“) جا بہ مَطلَب ٿي سگهن ٿا: هڪ هي تہ هو ٻانهو جيڪڏهن اللّٰه ڪريم کي قَسم ڏئي ڪا شيءِ گهري تہ منهنجا ربّ ! تو کي قَسم آهي پنهنجي عِزَّت ۽ جَلال جو! هي ڪري ڇڏ! تہ ربّ ضرور ڪري ڇڏي،هي آهي ٻانهي جو ضد پنهنجي ربّ تي. ٻيو هي تہ جيڪڏهن اهو ٻانهو خدا جي ڪم تي قسم کائي ماڻهن کي خَبَر ڏئي تہ خُدا ان جوقَسم پُورو ڪري ڇڏي، مثال طور هو چوي تہ خدا جو قَسم! تون کي پٽ پيدا ٿيندو ، يا

www.dawateislami.net

ربّ جو قسم! اڄ برسات ٿيندي تہ ربّ اُن جي زبان سچّي ڪرڻ جي لاءِ اهو ڪري ڇڏي. (مرآة المناجيح،۷/۵۸بتغير)

بِکھرے بال، آزُردہ صُورت ہوتے ہیں کچھ اَہلِ مَحبَّت
بَدرِ مگر یہ شان ہے، اُن کی بات نہ ٹالے رَبُّ الْعِزَّت

(حکایتیں اور نصیحتیں،ص۲۷۶)

## ڪتاب "اللّٰہ وارن جون ڳالهيون" ۽ رسالو "غسل جو طريقو" جو تعارُف

متامنا اسلامي ڀائرو! اَوليِاءِ ڪرام رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْهِم اَجْمَعِيْن جي شان ۽ عظمت جي باري ۾ وڌيڪ معلومات جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي اِشاعتي اِداري مڪتبة المدينہ جي 5 جلدن تي مُشتَمِل ڪتاب "اللّٰہ والوں کی باتیں" جو مُطالَعو ڪرڻ بيحد مُفِيد آهي. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلّ هن ڪتاب ۾ ڪيئي اَوليِاءِ ڪرام رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْهِم اَجْمَعِيْن جي زِندَگين جا نُمايان واقِعا، ڪرامتون، انهن جا فرمان، شَرعِي اَحڪامن جي پاسدَارِي ۽ انهن جي عُمده وصفن کي نهايت جامِع ۽ خُوبصُورت اَنداز ۾ بيان ڪيو ويو آهي،اولياءِڪرام رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْهِم اَجْمَعِيْن جي هڪ خوبي هي بہ آهي جو هي حضرات طهارت ۽ پاڪيزگيءَ کي تمام گهڻو پسند ڪندا آهن تہ پوءِ طهارت ۽ پاڪيزگي جي اهميت کي اجاگر ڪرڻ جي لاءِ شيخِ طريقت، امير اهلسنت حضرت علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه غسل جي مسئلن تي مشتمل نهايت معلوماتي رسالو"غسل جو طريقو" تحرير فرمايو آهي. جنهن ۾ امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه غسل جو طريقو، غسل جا فرائض، مستورات جي لاءِ 6 احتياطون، غسل فرض ٿيڻ جا 5 سبب، ڦوهاري جون احتياطون، تيمم جو بيان، تيمم جوطريقو ۽ ڪوڙ لازمي مسئلن کي بيان فرمايو آهي. تنهنڪري اڄ ئي مڪتبةُ المدينہ تان هن ڪتاب کي هديةً حاصل ڪيو ۽ هن ڪتاب ۽ رسالي جو مُطالعو پاڻ بہ ڪيو ۽ ٿي سگهي تہ ٻين اسلامي ڀائرن کي بہ ترغيب ڏياريو. هن ڪتاب ۽ رسالي کي دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ www.dawateislami.net تان رِيڊ (يعني پڙهي) بہ سگهجي ٿو، ڊاؤن لوڊ

(Download) ۽ پرنٽ آؤٽ (Print Out) بہ ڪري سگھجي ٿو.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

**مٺامٺا اسلامي ڀائرو!** اَولِياءِ ڪرام رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیۡھِم اَجۡمَعِیۡن جي بَرَڪتن ۽ انهن جي ڪرامتن جو باب نِهايت وَسِيع آهي، خوش نصيب مسلمان تہ هن حقيقت کي تَسلِيم ڪندا آهن تہ انهن بزرگن جون بَرَڪتون ۽ ڪرامتون حق آهن پر ڪجھ نادان ماڻهو اَولِياءِ ڪرام رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیۡھِم اَجۡمَعِیۡن جي بَرَڪتن ۽ ڪرامتن کي تَسلِيم ڪرڻ جي لاءِ تيار ناهن هوندا ۽ شَيطاني وَسوسن جو شِڪار ٿي ويندا آهن، اهڙا ماڻهو پنهنجي هن بيڪارعادت تي ان وَقت تائين قائم رهندا آهن جو جيستائين هو پاڻ پنهنجي اکين سان انهن جي بَرَڪتن ۽ ڪرامتن جو نَظارو نٿا ڪري وٺن،ان جي باوجود بہ ڪجھ ماڻهون اولياء جو شان سمجھڻ کان محروم ئي رهندا آهن، ائين هو پنهنجي اَنا (نفساني ضد) جي خاطِر پنهنجو پاڻ کي اَولِياءِ ڪرام رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیۡھِم اَجۡمَعِیۡن جي فيض ۽ بَرَڪتن کان مَحروم ڪندا آهن. اسان جا بُزرگانِ دِين رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیۡھِم اَجۡمَعِیۡن ڪيتري قَدَر دِلنشين انداز ۾ اهڙن جي اِصلاح فرمائيندا هئا اچو! ان جي هڪ اِيمان اَفروز جهلڪ مُلاحَظَ ڪريو جيئن تہ،

## ڪرامتن جا مُنڪر بہ مڃي ويا

حضرت سَيدُنا جابِر رَحَبِي رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ فرمائن ٿا تہ شهرِ رَحَبَہ جا اڪثر ماڻهو اوليائن جي ڪرامتن جو اِنڪار ڪندا هئا. هڪ ڏينهن مان هڪ درندي (چير ڦاڙ ڪري کائڻ واري جانور) تي سوار ٿي رَحَبَہ ۾ داخل ٿيس ۽ پڇا ڪئي: ڪٿي آهن اهي ماڻهو جيڪي اَولِياءِ ڪرام رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیۡھِم اَجۡمَعِیۡن جي ڪرامتن کي نٿا مڃن؟ پاڻ رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ فرمائن ٿا: ان کان پوءِ انهن منهنجي باري ۾ برين ڳالهين کان پاسو ڪيو. (الروض الفائق،ص۱۰۳)

محفوظ سدا رکھنا شہا! بے اَدَبوں سے اور مجھ سے بھی سَرزَد نہ کبھی بے اَدَبی ہو

www.dawateislami.net

(وسائلِ بخشش مرمم،ص۳۱۵)

**مثامثا اسلامي ڀائرو!** ياد رهي! اَولِياءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِم اَجۡمَعِيۡن جي بَرَڪتن ۽ ڪرامَتن جو بيان قُرآنِ ڪريم ۾ بہ مَوجود آهي،جيئن تہ

## بي منداثتو ميوو

حضرت (سيّدنا) زڪريا عَلَيۡهِ السَّلَام کي **الله** تعالٰي نُبُوّت جي شرف سان نوازيو هو پر انهن جو ڪو اولاد نہ هو ۽ اهي بلڪل ضعيف (ڪمزور) ٿي چڪا ها. سالن کان انهن جي دل ۾ فرزند جي خواهش هئي ۽ ڪيترا ئي ڀيرا انهن روئي روئي خدا کان پُٽ جي لاءِ دعا بہ گُهري هئي، پر خدا جي شانِ بي نيازي جو باوجود هن جي هاڻي تائين انهن کي فرزند نہ مليو، جڏهن انهن حضرت مريم رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهَا جي محراب ۾ هيءَ ڪرامت ڏٺي تہ اُتي بي موسم ميوو اچي ٿو تہ ان وقت انهن جي دل ۾ اهو خيال آيو تہ منهنجي عمر هاڻي ايتري ضعيفي (پوڙهائپ) واري ٿي وئي آهي جو اولاد جي ميوي جو موسم ختم ٿي ويو آهي. پر اهو **الله** جيڪو حضرت مريم رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهَا جي محراب ۾ بي موسم ميوا عطا فرمائي ٿو اهو قادر آهي تہ مون کي بہ بي موسم جي اولاد جو ميوو عطا فرمائي ڇڏي. چنانچہ پاڻ مريم جي محراب ۾ دعا گُهري ۽ سندن دعا قبول ٿي وئي ۽ **الله** تعالٰي پوڙاهپ ۾ کين هڪ فرزند عطا فرمايو جن جو نالو خود **الله** تعالٰي "يحيٰ" رکيو ۽ **الله** تعالٰي انهن کي نبوّت جو شرف بہ عطا فرمايو. (عجائب القرآن مع غرائب القرآن،ص۶۶بتغير) هن واقِعي جو مَضمون سيپارو 3 سُوره آلِ عِمرَان جي آيت نمبر 37 تا41 ۾ مَوجُود آهي.

## اَصحابِ ڪهف رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهم جون ڪرامتون

اَصحابِ ڪهف (رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهم) نبي نہ آهن، بلڪ بَنِي اِسرائيل جا وَلي آهن. انهن جي ڪرامت اها بَيان ٿي تہ غار ۾ ٽي سو نو (309) سال ستل رهيا. ايترو عَرصو بي غذا سمهڻ ۽ فنا نہ ٿيڻ ڪرامت آهي. (جيئن سيپارو 15سوره ڪهف جي آيت نمبر18 ۾ ربّ ڪريم اِرشاد فرمائي ٿو:)

وَ تَحْسَبُهُمْ اَيْقَاظًا وَّ هُمْ رُقُوْدٌ ۖۗ وَّ نُقَلِّبُهُمْ ذَاتَ الْيَمِيْنِ وَ ذَاتَ الشِّمَالِ ۖۗ وَ كَلْبُهُمْ بَاسِطٌ ذِرَاعَيْهِ بِالْوَصِيْدِ (پ۱۵،الکھف:۱۸)

**ترجمو ڪنز الايمان:** ۽ تُون اُنهن کي جاڳندو سمجهندين حالانڪ اُهي سُتل آهِن. ۽ اسان سڄي ڪبي سندن پاسا مٽائِيندا آهيُون ۽ سندن ڪُتو پنهنجُون ڪَرائيون پکيڙِيندڙ آهي غار جي چائٺ تي .

هن آيت ۾ اَصحابِ ڪهف (رَضِیَ اللہ تَعَالیٰ عَنْھم) جيڪي اَولِيا آهن.انهن جون ٽي (3) ڪرامتون بَيان ٿيون: (1) جاڳڻ وانگر هاٺي تائين سمهڻ، (2) ربّ جي طرفان پاسا مٽائڻ، زمين جو انهن جي جسمن کي نہ کائڻ ۽ بغير غذا جي باقي رهڻ، (3) انهن جي ڪتّي جو هاٺي تائين ليٽيو رهڻ هي بہ انهن جي ڪرامت آهي نہ ئي ڪتي جي. (علم القرآن،ص ۱۸۸بتغير)

اللہ غنی! شانِ وَلی! راج دِلوں پر دُنیا سے چلے جائیں حکومت نہیں جاتی
(وسائلِ بخشش مرمم،ص ۳۸۳)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺامٺا اسلامي ڀائرو! اَولِياءِ ڪرام رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْھِم اَجْمَعِیْن جي بَرَڪتن جي بہ ڇا ڳالهہ ڪجي! هي اهي عظيم هستيون آهن جو جِن جو ڪردار هڪ صاف شفاف آئيني وانگر هوندو آهي، جيڪي مَخلوقِ خُدا جي هدايت جي لاءِ هر وَقت تيار رهندا آهن، جن جي دِل ۾ اُمّت جي اصلاح جو جَذبو تمام گهڻو موجود هوندو آهي، جن جا بيان، اِرشاد ۽ تَحريرن جي بَرَڪتن سان گناهگار ۽ بَدڪار ماڻهو قُرآن ۽ سُنّت جي راهہ تي هلندا جڏهن تہ غير مُسلِم اسلام جي دَولت ڪان سَرفَراز ٿيڻ جي سَعادت ماڻيندا آهن. اَلْحَمْدُ لِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ اڄ جي هن پُرفِتَن زماني ۾ پندرهين صَدِي جي عظيم عِلمي ۽ رُوحاني شَخصِيت، شَيخِ طَرِيقَت، اَميرِ اَهلسُنّت، باني دعوتِ اسلامي حضرت علّامہ مَولانا ابُوبِلال محمد الياس عطّار قادِرِي رَضَوِي ضِيائي دَامَتْ بَرَکَاتُھُمُ الْعَالِیَہ اها عظيم هستِي آهي، جِن ۾ بَيان ڪيل اَولِياءِ ڪامِلِين رَحْمَۃُ

www.dawateislami.net

اللهِ تَعَالٰى عَلَيهِم اَجْمَعِيْن جون نِشانيون آسانيءَ سان ڏسي سگهجن ٿيون. اچو! اسان به ان عظيم ولي ڪامِل جي بَرَڪتن جو مُختَصَر تَذڪرو ٻڌون ٿا، جيئن ته

## فَيضانِ اَميرِ اَهلسُنّت جون بَرَڪتون

شَيخِ طَرِيقَت، اَميرِاَهلسُنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه فرض ۽ واجِبات جي ادائيگي سان گڏوگڏ سُنّتن ۽ مُسْتَحَبّن تي عمل پيرا ٿي نيڪي جي دَعوَت جون اهڙيون ڌومون مچايون جو لکين مسلمانن خاص ڪري نَوجوانن کي گناهن کان تَوبہ جي تَوفِيق مِلي ۽ هو توبہ ڪري قُرآن ۽ سُنّت جي راهه تي هلڻ لڳا. جيڪي بي نمازي هئا نمازي بلڪ مسجدن جا اِمام بڻجي ويا، بَدنِگاهي ڪرڻ وارا نِگاهون هيٺ رکڻ جي سُنّت تي عمل ڪرڻ جي سَعادت ماڻڻ لڳا، چمڪيلا پر ڪشش لِباس پائي گهڻيءَ ۾ رئو لڙڪائي تفريح گاهن جي زينت بڻجڻ واريون عورتون بي پردگي کان اهڙي توبهه ڪيائون جو مدني برقعو انهن جي لباس جو اهم حصو بڻجي ويو. ماءُ پيءُ سان گستاخانہ اَنداز اختيار ڪرڻ وارا با ادب ٿي ويا، جن جي حَرَڪتن سبب ڪڏهن سجو پاڙو بيزار هو، اهي سجي عَلائقي جي اکين جا تارا بڻجي ويا، چوري ۽ ڌاڙي جا عادِي ٻين جي عِزت ۽ آبرُو جي حِفاظت ڪرڻ لڳا، ڪنهن غريب کي ڏسي تَڪبُّر سبب منهن ڦٽائيندڙ عاجِزِي جا پيڪر بڻجي ويا، هر وَقت حَسَد جي باهه ۾ سڙندڙ ٻين کي تَرَقّي جون دُعائون ڏيڻ لڳا، ڳائڻ وڄائڻ جا شَوقِين، سُنّتن ڀريا بَيان ۽ مَدَني مُذاڪرا ٻڌڻ جا عادِي ٿي ويا، فُحْش ڪلامي ڪرڻ وارا نَعتِ مُصطَفٰي پڙهڻ ۽ عشق مصطفٰي ۾ جُهومڻ جهومائڻ لڳا، يورپي ملڪن جي رنگينين کي ڏسڻ جا خواهش مند **ڪعبي شريف** ۽ **گنبذِ خضرٰي** جي زيارت لاءِ بيقرار رهڻ لڳا، مال جي مَحبَّت ۾ گِرفتار رهڻ وارا فڪرِ آخِرت جي مَدَني سوچ رکندڙ بڻجي ويا، شراب پيئڻ وارا عشقِ مُصطَفٰي جا جام پيئڻ لڳا، فُضُولِيات ۾ وَقت بَرباد ڪرڻ وارا پنهنجو وَقت عِبادت ۾ گُذارڻ لڳا، فُحش رَسالا ۽ ڊائجسٽ جا شَوقِين اميرِاَهلسُنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه ۽ مڪتبةُ المدينہ جا ڪتاب ۽ رسالا ۽ ماهنامہ فَيضانِ مدينہ جو مُطالَعو ڪرڻ لڳا، تَفرِيح (Amusement) جي خاطِر سَفَر جا عادِي شخص عاشِقانِ رَسول سان گڏ راهه خُدا ۾ سَفَر ڪرڻ وارا

www.dawateislami.net

ٻڌجي ويا، ”ڪاڻ پِيو ۽ جان ٻڌايو“ جي نعري ڪي پنهنجي زِندگي جو مَقصَد سمجهڻ وارن هن مَدَني مَقصَد کي اپنائي ورتو تہ **”مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي.** اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ“ اميرِ اَهلسُنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو اهو فَيضان صِرْف مُسلمانن تائين مَحدود ناهي رهيو بلڪ ڪثير غير مُسلمن کي بہ نُورِ اسلام نصيب ٿيو. (تذکره امير اهلسنت(قسط1)،ص٨تا١٠بتغير)

امير اهلسنت جي هن فيضان کي ڪنهن عاشق رسول ڪيتري جامع ۽ پياري انداز ۾ اشعار جي صورت ۾ لکيو آهي،جيئن تہ لکن ٿا:

مَسْلک کا تُو اِمام ہے اِلیاس قادِری
تَدْبیر تیری تام ہے اِلیاس قادِری

سُنّت کی خوشبوؤں سے زَمانہ مہک اُٹھا
فَیضان تیرا عام ہے اِلیاس قادِری

سَر پہ عِمامہ ماتھے پہ سجدوں کا نُور ہے
جو بھی تیرا غُلام ہے اِلیاس قادِری

ہے دَعْوَتِ اِسلامی کی دُنیا میں دُھوم دھام
مقبول تیرا کام ہے اِلیاس قادِری

(محبوبِ عطار کی 122حکایات،ص٢٠٣)

## 12 مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم ”هفتيوار مدني مذاڪرو“

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ٻڌو اوهان تہ! شَيخِ طَرِيقَت، اَميرِ اَهلسُنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه ڪيتري قَدَر عظيم وَلِي آهن جو جِن جي بَرَڪت ۽ دِيني خِدمتن سان مُعاشري ۾ تمام ٿوري ئي وَقت ۾ حَيرت اَنگيز مَدَني اِنقِلاب بَرپا ٿي ويو. اچو! اوهان بہ فَيضانِ اَميرِ اَهلسُنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه سان فَيضياب ٿيڻ جي لاءِ فَيضانِ اَولِيا سان مالا مال عاشِقانِ رَسُول جي مَدَني تَحريڪ دَعوتِ اِسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ٿي 12 مَدَني ڪمن ۾ حصّو وٺو. 12 مَدَني ڪمن مان هفتيوار هڪ مَدَني ڪم ”مَدَني مذاڪرو“ بہ آهي.

❁ اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ ”مَدَني مذاڪرو“ ڏسڻ، ٻڌڻ جي بَرَڪت سان شَرعي مُعامَلات ۾ اِحتياط ڪرڻ جو ذِهن نصيب ٿيندو آهي❁مَدَني مذاڪري جي بَرَڪت سان عاشقانِ رسول جي صُحبت مُيسَّر ٿيندي آهي، ❁ مَدَني مذاڪري جي بَرَڪت

www.dawateislami.net

سان عمل جو جَذبو وڌندو ❁ گناهن کان نفرت پيدا ٿيندي آهي❁ مَدَني مذاڪري جي بَرَڪت سان دعوتِ اسلامي جي مَدَني ماحول ۾ اِستقامت نصيب ٿيندي آهي. ❁ عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ "دعوتِ اسلامي" جي اپ ڊيٽس (Updates) ملندي آهي.❁مَدَني مذاڪرو علمِ دِين جي ترقي جو سبب آهي❁ مَدَني مذاڪرو، اميرِ اهلسنت جي زندگي جي سوين بلڪ هزارين تجربات سان مدني تربيت حاصل ڪرڻ جو بهترين ذريعو آهي.❁مَدَني مذاڪري ۾ دِيني معلومات ملڻ سان گڏوگڏ اَخلاقي تربيت بہ ٿيندي آهي.❁ مدني مذاڪري جي بَرَڪت سان اميرِ اَهلسُنَّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه سان ڪيل مُختلف سُوالات بابت دِلچسپ جوابات جي صُورت ۾ عِلْمِ دِين حاصل ٿيندو آهي ۽ عِلمِ دِين سکڻ سيکارڻ جي تہ ڇا ڳالهہ آهي جو رَحمتِ عالَم، نُورِ مُجسَّم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ اِرشاد فرمائن ٿا: جيڪو الله پاڪ جي فرضن جي باري ۾ هڪ يا ٻہ يا ٽي يا چار يا پنج ڪلِمات سکي ۽ ان کي چڱي طرح ياد ڪري ۽ پوءِ ماڻهن کي سيکاري تہ هو جنّت ۾ داخِل ٿيندو. (الترغيب والترهيب، كتاب العم،١ /٥۴، حديث :٢٠ )

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ ڪيئي اسلامي ڀائر مدني مذاڪري جي برڪت سان پنهنجي گُناهن ڀري زِندگي کان توبہ ڪري چڪا آهن. ان ڪري اچو! هٿو هٿ نيت ڪريون ٿا تہ اسان بہ هر هفتي ”مَدَني مذاڪري“ ۾ اَوّل تا آخر شرڪت ڪي يقيني بڻائينداسين ۽ ٻين اسلامي ڀائرن کي بہ مدني مذاڪري ۾ شرڪت جي دعوت ڏيندا رهنداسين، اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ ان جون خوب خُوب برڪتون حاصل ٿينديون. هفتيوار مدني مذاڪري جي علاوه مختلف موقعن تي بہ مدني مذاڪرن جو سلسلو ٿيندو آهي، مثال طور مُحَرَّمُ الْحَرَام جا 10 مدني مذاڪرا، ماهہ ربيعُ الاول (ٻارهين) جا 12 مدني مذاڪرا، ماهہ ربيعُ الاخر (يارهين) جا 11 مدني مذاڪرا، رمضان ۾ روزانو 2 مدني مذاڪرا، ذُوالحِجَّة الحَرام جا 10مدني مذاڪرا وغيره. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ هنن مدني مذاڪرن ۾ بہ اوّل تا آخر شرڪت ڪري دُنيا ۽ آخرت جون بيشمار برڪتون ۽ ڀلائيون حاصل ڪري سگهجن ٿيون. اچو تَرغِيب جي لاءِ مدني مذاڪرو ڏسڻ جي هڪ مدني بهار ٻڌو ۽ خوش ٿيو، جيئن تہ

www.dawateislami.net

## مدني مذاڪري سڌاري ڇڏيو

واه ڪينٽ (پنجاب، پاڪستان) جوهڪ اسلامي ڀاءُ دعوت اسلامي جي مدني ماحول کان اڳ ڪوڙ نوجوانن جيان ڪافي اَخلاقي بُرائين ۾ مبُتلا هو. فلمون ڊراما ڏسڻ، راند روند ۾ وَقت برباد ڪرڻ ان جو محبوب وندر هو. گھر ۾ مدني چينل هلڻ جي برڪت سان ان کي مدني مُذاڪرو ڏسڻ جي سَعادت نصيب ٿي، اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ اڳوٽن سيني گُناهن کان توبہ ڪري فرض ۽ واجب جو عامِل بڻجي ويو، چهري تي هڪ مٺ ڏاڙهي شريف سجائي ورتي ۽ مدني حُليو بہ اَپنائي ورتو آهي، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي ڪرم سان انهن جي والِدَين خوشي سان ”وقفِ مدينہ“(دعوتِ اسلامي جي ڪمن لاءِ پيش) ڪري ڇڏيو آهي.

گنہگارو آؤ، سیہ کارو آؤ گناہوں کو دیگا چھڑا مَدنی ماحول
پلا کر مئے عِشق دیگا بنا یہ تمہیں عاشِقِ مُصطفٰے مَدنی ماحول

(وسائل بخشش مرمم،ص۶۴۸)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب!　صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

**مٺامٺا اسلامي ڀائرو!** عام طور هڪ عام انسان جيستائين دُنيا ۾ زنده رهندو آهي تہ ان وَقت تائين هو ٻين کي فائدو پهچائڻ تي قُدرت رکي ٿو پر قُربان وڃجي اَولِياءِ ڪرام رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْهِم اَجْمَعِيْن جي شان ۽ عظمت ايتري قَدَر اَرفَع ۽ اَعليٰ آهي جو جيستائين اهي حضرات هن فاني دُنيا ۾ پنهنجي ظاهري حَيات سان گڏ زنده رهن ٿا تہ نيڪ ۽ گنهگارن سَيني کي فَيضياب ڪن ٿا ۽ هر پاسي پنهنجون بَرَڪتون ورهائن ٿا پوءِ جڏهن اهي حضرات پنهنجي مَزارِ اَقدَس ۾ تشريف ڪٽي وڃن ٿا تہ اتي بہ انهن جي ذات ۽ انهن جي مَزار مان بَرَڪتون ظاهر ٿينديون رهنديون آهن ايستائين جو انهن جي قُرب جي برڪتن سان قَبر جو عذاب پري ڪيو ويندو آهي.اچو! هن باري ۾ هڪ اِيمان اَفروز واقِعو ٻڌو ۽ خوش ٿيو، جيئن تہ

www.dawateislami.net

## گُلاب جا گل يا اژدها (وڏا نانگ)!

اعليٰ حضرت،اِمام اَهلسُنّت مَولانا شاهه اَحمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: مون حضرت مِيان (سِراجُ العارِفِين حضرت سَيد ابُوالحسن اَحمد نُوري) قُدِّسَ سِرُّه کي فرمائيندي ٻُڌو: هڪڙي جاءِ تي ڪا قبر کُلي پيئي ۽ مڙدو نظر اچڻ لڳو، ڏٺو ته گلاب جون ٻه ٽاريون هن جي جسم سان چنبڙيل آهن ۽ گلاب جا ٻه گُل هُن جي ناسن (يعني نڪ جي ٻنهي سوراخن) تي رکيل آهن. هِن جي عزيزن (مائٽن) اِنهيءَ خيال سان ته هِتي قبر پاڻيءَ جي ڪري کُلي ويئي، ٻِي جڳهه قبر کوٽي (مرحوم جي لاش کي) اُنهي ۾ رکيو، هاڻي جو ڏسن ته ٻه اژدها (يعني ٻه تمام وڏا نانگ) هُن جي جِسم سان چنبڙجي پنهنجي ڦڻن سان هن جو منهن نوچي رهيا آهن! حيران ٿيا. ڪنهن صاحبِ دل سان هي واقعو بيان ڪيو، انهن فرمايو! اُتي به هي اژدها ئي هئا پر هڪ وليُّ الله جي مزار جو قُرب هو، اُنهي جي برڪت سان هُو عذاب رحمت ۾ ويو هو، اُهي اژدها گُل جيان ٿي ويا هئا ۽ انهن جا ڦڻ گلاب جا گُل، هِن (يعني مرحوم) جي خيريت چاهيو ته اُتي کڻي وڃي دفن ڪريو. اُتي کڻي وڃي رکيو ته وري اُهو ئي گُل جا وڻ هئا ۽ اُهي گلاب جا گُل. (ملفوظات اعليٰ حضرت، ص۲۷۰)

ڪرم هو واسِطه کل اَوْلِيا کا
مِرا اِيماں پہ مَوْلیٰ خاتِمَہ ہو

(وسائلِ بخشش،مُرمّم،ص۳۱۶)

## مَجلسِ عُشرِ اَطراف گاؤں

مٺامٺا اسلامي ڀائرو! ٻڌو اوهان ته اَولِياءِ ڪرام رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْهِم اَجْمَعِيْن جو قُرب ملي وڃڻ ڪيتري قَدَر بَرَڪت جو سبب آهي جو الله پاڪ پنهنجي هڪ وَلِي ڪامِل جو قُرب ماڻڻ واري گناهگار ۽ بَدڪردار شخص کان عذابِ قَبر کي پري فرمائي پنهنجي رَحمت سان ان جي عذاب کي رَحمت ۾ بدلي ڇڏيو. ته جيڪڏهن

www.dawateislami.net

اوهان بہ اَولِياءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيهِم اَجمَعِين جو قُرب ماڻڻ جا طَلَبگار آهيو تہ دعوتِ اسلامي جي مَدَني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو. اَلحَمدُ لِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ عاشِقانِ رسول جي مَدَني تحريڪ دعوتِ اسلامي سڄي دُنيا ۾ ڪم و بيش 104شُعبن ۾ نيڪي جي دعوت جون ڌومون مچائڻ ۾ مَصروف آهي. انهيءَ مان هڪ ”مجلسِ عُشْر ۽ اَطراف ڳاؤں“ بہ آهي. جيڪا عُشر جي ڏينهن ۾ هفتيوار ۽ ٻين سُنّتن ڀري اجتماعن ۾ راهہ خدا ۾ خَرچ ڪرڻ جا فضائل بيان ڪري دعوتِ اسلامي کي عُشْر ڏيڻ ۽ گڏ ڪرڻ جي ترغيب ڏياريندي آهي. هن شعبي جا ذِمہ دار، عُشر جي وصولي جي لاءِ وقت بوقت هارين، زميندارن، باغن جي مالڪن وغيره سان اِنفرادي ڪوشش جي ذريعي رابطو ڪندا رهندا آهن، "هاري اجتماعات" جو بہ اِنعقاد ڪيو ويندو آهي، رِسالو "عُشر جا احڪام" تقسيم ڪري عُشر ڏيڻ جو ذهن ڏنو ويندو آهي.

خاص ڪري زميندارن کي گهرجي تہ عشر جي باري ۾ معلومات جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 48 صفحن تي مشتمل رسالي "عُشر جا اَحڪام" ۽ "چندو ڪرڻ جا شرعي اِحتياط" جو لازمي مُطالَعو ڪن ۽ شريعت جي مُطابق پنهنجي فصل جي زڪوٰة ڪڍڻ جي باري ۾ دارُ الافتاء اهلسنت کان ضرور رهنمائي حاصل ڪن.

اَلحَمدُ لِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ مجلس عشرءِ اطراف ڳائوں جو مدني ڪم تيزي سان ترقي ڪندي مديني ڏانهن وڃي رهيو آهي، هاڻي تائين تقريبن 15 هزار ڳوٺن ۾ مدني ڪم شروع ٿي چڪو آهي ۽ هنن 15 هزار ڳوٺن جي ذميدارن کي وڌيڪ 15 هزار ڳوٺن ۾ مدني ڪم ڪرڻ جو هدف ڏنو ويو آهي، هن وقت پاڪستان جي تقريبن 15 هزار ڳوٺن / علائقن تي مشتمل 24 اطراف ڪابينات، 105 اطراف ڪابينہ، تقريبن 873 اطراف ڊويزن ۽ 2182 اطرافَ علائقا تي چڪا آهن جن ۾ سوين ذميدارن کي چونڊيو ويو آهي. عشر جي وصولي سان گڏو گڏ خاص طور 12 مدني ڪمن جي مضبوطيءَ جي لاءِ وقت بہ وقت ذميدارن جا سنتن ڀريا اجتماع ۽ مدني مشورن جو سلسلو بہ ٿيندو رهندو آهي، وڏين راتين مثال طور (اجتماع ميلاد، اجتماع غوثيہ، شبِ معراج، شبِ براءت، شبِ قدر وغيره) جي موقع تي

اجتماعِ ذڪرونعت جو اهتمام بہ ڪيو ويندو آهي، مبلغينِ دعوت اسلامي جي سنتن ڀري بيانن جي ترڪيب ٿيندي آهي، خاص طور رمضان جي مبارڪ مهيني ۾ سنّتِ اعتڪاف جو اهتمام ڪيو ويندو آهي، جنهن ۾ عاشقان رسول دعوت اسلامي جي مدني ماحول ۾ ٿيڻ واري سنّت اعتڪاف ۾ شرڪت ڪري خوب علم دين جا موتي چوندڻ جو شرف حاصل ڪرڻ سان گڏو گڏ مختلف مدني ڪورسن ۽ مدني ڪافلن ۾ سفر جي بہ سعادت حاصل ڪندا آهن. اللّٰهُ ڪريم مجلس عشرءِ اطراف گائون ڪي وڌيڪ برڪتون ۽ترقيون نصيب فرمائي.

## بَيان جو خُلاصو

**متامتا اسلامي ڀائرو!** اڄ جي بَيان ۾ اسان ٻڌو تہ:

❁اَولِياءِ ڪرام جي در تي اينڌڙ ڪڏهن بہ هٿين خالي ناهي موٽندو. ❁اَولِياءِ ڪرام جي وَسيلي سان زمين وارن تان بَلائون ۽ مُصِيبَتون ڀري ٿينديون آهن. ❁اَولِياءِ ڪرام جي دُعائڻ ۾ گهڻي تاثير هوندي آهي.❁اَولِياءِ ڪرام جون ڪرامتون قرآنِ ڪريم مان ثابِت آهن.❁اَولِياءِ ڪرام جي بَرَڪت سان برسات ٿيندي آهي ۽ رِزق ڏنو ويندو آهي.❁اَولِياءِ ڪرام کي اللّٰه ڪريم جي عطا سان عِلمِ غيب حاصِل هوندو آهي.❁ اَولِياءِ ڪرام جي قُرب جي بَرَڪت سان عذابِ قَبر مان نَجات نصيب ٿيندي آهي. ❁ اَولِياءِ ڪرام جي بَيانات، اِرشادات ۽ تَحريرن جي بَرَڪت سان گناهگار ماڻهو قرآن ۽ سُنّت جي راهہ تي هلندا ۽ غير مُسلِم اسلام قبول ڪندا آهن. اللّٰه پاڪ اسان کي اَولِياءِ ڪرام رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْهِم اَجْمَعِيْن جي نقشِ قدم تي هلڻ ۽ انهن جي دامنِ ڪرم سان وابستہ رهڻ جي تَوفِيق عطا فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**متامتا اسلامي ڀائرو!** بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪريان ٿو، تاجدار رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان

آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.
(مشكاة الصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة،۹۷/۱،حديث:۱۷۵)

سُنّتیں عام کریں دِین کا ہم کام کریں    نیک ہوجائیں مسلمان مدینے والے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب!    صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## تيل لڳائڻ ۽ ڪنگهي ڪرڻ جا مَدَني گل

اچو! شَيخِ طَرِيقت، اَميرِ اَهلسُنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَة جي رسالي "163 مَدَني گل" مان تيل لڳائڻ جون سُنّتون ۽ آداب پڙهون ٿا: ❁ حضرت سيِّدُنا اَنس رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمائن ٿا: اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جا محبوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم متي مبارڪ ۾ اڪثر تيل لڳائيندا ۽ ڏاڙهي ۾ ڪنگهي ڪندا هئا ۽ اڪثر متي مبارڪ تي ڪپڙو رکندا هئا ايستائين جو اهو ڪپڙو تيل سان تَر ٿي ويندو هو. (الشمائل المحمديه للترمذي ص 40) متي ۽ ڏاڙهي جا وار صابڻ وغيره سان ڌوئڻ جنهن جو معمول نہ آهي انهن جي وارن ۾ اڪثر ڌپ ٿي ويندي آهي پاڻ کي جيتوڻيڪ بدبو نہ ايندي هجي پر ٻين کي ايندي آهي. وات، بدن ۽ لباس وغيره مان ڌپ ايندي هجي تہ انهيءَ حال ۾ مسجد ۾ وڃڻ حرام آهي جو هن سان ماڻهن ۽ فِرشتن کي ايذاء ٿيندو آهي، ها ڌپ لڪيل هجي جيئن بغل جي ڌپ وغيره تہ انهيءَ ۾ حرج ناهي ❁ وارن ۾ تيل جو گهڻو استعمال خاص ڪري عِلم وارن لاءِ مفيد آهي جو هن سان متي ۾ خشڪي ناهي ٿيندي، دماغ تَر ۽ حافظو قوي ٿيندو آهي ❁ ❁ حديث پاڪ ۾ آهي: جنهن بغير بِسمِ الله پڙهي تيل لڳايو تہ 70 شيطان ان ۾ شريڪ ٿي ويندا آهن. (عمل اليوم والليلة لابن السني ج 1 ص 327 حديث 173) ❁ تيل لڳائڻ ڪان پهرين بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيمِ پڙهي کابي هٿ جي تري ۾ ٿورو تيل وجهو، پوءِ پهرين ساڄي اک جي ڀِرُون تي تيل لڳايو پوءِ کابي اک تي، ان کان پوءِ ساڄي اک جي پنبڻن تي، پوءِ کابي تي، هاڻي متي تي تيل لڳايو، ۽ ڏاڙهي ۾ تيل لڳايو

www.dawateislami.net

تہ چپ ۽ ڄاڙي جي وچ واري وارن کان شروع ڪيو ❁ سَرنهن جو تيل لڳائڻ وارو جڏهن ٽوپي يا عمامو لاهيندو آهي تہ ڪڏهن ڪڏهن ڏپ ايندي آهي جنهن کان ٿي سگهي تہ اهو مٿي تي سنو خوشبودار تيل لڳائي، خوشبودار تيل ناهڻ جو آسان طريقو هي بہ آهي تہ ڏونگي جي تيل جي شيشي ۾ پنهنجي پسند جي عطر جا ڪجهہ ڦُڙا وجهي ملايو،خوشبودار تيل تيار آهي ❁ جمعي نماز لاءِ تيل ۽ خوشبو لڳائڻ مستحب آهي. (بهارشريعت ج 1 ص774) ❁ ميّت جي ڏاڙهي يا وارن ۾ ڦڻي ڪرڻ، ناجائز ۽ گناهہ آهي ❁ ماٺهو مَيت جي ڏاڙهي ڪٽيندا آهن هي بہ ناجائز ۽ گناهہ آهي. گناهہ مَيت تي نہ آهي ڪٽڻ ۽ ان جو حڪم ڏيڻ وارن تي آهي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ مکتبة المدينه جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”بهار شريعت“ حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب“سنتيں ۽ آداب” هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

ديتے ہیں فَیضِ عام، اَوْلِیائے کِرام لوٹنے سب چلیں، قافِلے میں چلو
اَوْلِیا کا کرم، تُم پہ ہو لاجَرَم خُوب جلوے مِلیں، قافِلے میں چلو

(وسائل بخشش مرمم،ص۶۷۱-۶۷۲)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

## (1) جمعه جي رات جو دُرُود

اَللّٰھُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰی سَیِّدِنَا مُحَمَّدٍ النَّبِیِّ الْاُمِّیِّ الْحَبِیْبِ الْعَالِی الْقَدْرِ الْعَظِیْمِ الْجَاہِ وَعَلٰی اٰلِہٖ وَصَحْبِہٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

## (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی سَیِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰی اٰلِہٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناه معاف ڪيا ويندا.[2]

---

[1] ...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

[2] ...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

www.dawateislami.net

## (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[1]

## (4) ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ الهَادِی ڪن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[2]

## (5) قُربِ مُصطَفٰي صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابہَ ڪرام رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي.[3]

---

[1]...القول البديع، الباب الثانی، ص277،

[2]...افضل الصلوات علی سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

[3]...القول البديع، الباب الاول، ص125

www.dawateislami.net

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[1]

## (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْھُما کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[2]

## (2) چڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْمِ

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله عَزَّ وَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو چڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

---

[1] … الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١

[2] … مجمع الزوائد،ڪتاب الادعية،باب فی ڪيفية الصلاة…الخ،254/10،حديث:17305

www.dawateislami.net